# سنڌ آرڊيننس نمبر XIX مجريه 1972
# SINDH ORDINANCE NO.XIX OF 1972
# اولهه پاڪستان پرائمري تعليم ۽ لوڪل ڪائونسلز هاءِ اسڪولس (سنڌ ترميم) آرڊيننس، 1972
# THE WEST PAKISTAN PRIMARY EDUCATION AND LOCAL COUNSILS HIGH SCHOOLS (SINDH AMENDMENT) ORDINANCE, 1972
## (CONTENTS) فهرست


تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. 1962 جي اولهه پاڪستان آرڊيننس XXIX جي دفعه 2 جي ترميم
Amendment of Section 2 of West Pakistan Ordinance XXIX of 1962

3. 1970 جي اولهه پاڪستان آرڊيننس XV جي دفعه 2 جي ترميم
Amendment of Section 2 of West Pakistan Ordinance XV of 1970

4. گذريل تاريخن ۾ نوٽيفڪيشن جاري ڪرڻ جو اختيار
Power to issue notification retrospectively

# سنڌ آرڊيننس نمبر XIX مجريہ 1972

# SINDH ORDINANCE NO.XIX OF 1972

## اولھہ پاڪستان پرائمري تعليم ۽ لوڪل ڪائونسلز هاءِ اسڪولس (سنڌ ترميم) آرڊيننس، 1972

## THE WEST PAKISTAN PRIMARY EDUCATION AND LOCAL COUNSILS HIGH SCHOOLS (SINDH AMENDMENT) ORDINANCE, 1972

[13 آڪٽوبر 1972]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ اولھہ پاڪستان پرائمري تعليم آرڊيننس، 1962 ۽ اولھہ پاڪستان لوڪل ڪائونسلز هاءِ اسڪولس (تحويل ۾ وٺڻ) آرڊيننس، 1970 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ اولھہ پاڪستان پرائمري تعليم آرڊيننس، 1962 ۽ اولھہ پاڪستان لوڪل ڪائونسلز هاءِ اسڪولس (تحويل ۾ وٺڻ) آرڊيننس، 1970 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي؛

۽ جيئن تہ صوبائي اسيمبلي جو اجلاس هلندڙ نہ آهي ۽ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي تہ موجوده حالتن ۾ هنگامي قدم کڻڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

هاڻي، تنهن ڪري، اسلامي جمهوريہ پاڪستان جي عبوري آئين جي آرٽيڪل 135 جي شق (1) تحت مليل اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي، سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان ۽

1. (1) هن آرڊيننس کي اولھہ پاڪستان پرائمري تعليم ۽

| | |
|---|---|
| لوڪل ڪائونسلز هاءِ اسڪولس (سنڌ ترميم) آرڊيننس، 1972 سڏيو ويندو.<br>(2)هي پهرين آڪٽوبر 1972 کان لاڳو سمجهيو ويندو. | شروعات<br>Short title and commencement |
| 2.اولهہ پاڪستان پرائمري تعليم آرڊيننس، 1962 (1962 جو اولهہ پاڪستان آرڊيننس XXIX) جي دفعہ 2 جي شق (g) ۾، آخر ۾ ايندڙ سيمي ڪولن کان اڳ لفظ “۽ ان ۾ شامل آهي ميونسپلٽي يا ميونسپل ڪارپوريشن” شامل ڪيا ويندا. | 1962 جي اولهہ پاڪستان آرڊيننس XXIX جي دفعہ 2 جي ترميم<br>Amendment of Section 2 of West Pakistan Ordinance XXIX of 1962 |
| 3. اولهہ پاڪستان لوڪل ڪائونسلز هاءِ اسڪولس (تحويل ۾ وٺڻ آرڊيننس، 1970 (1970 جو اولهہ پاڪستان آرڊيننس XV) جي دفعہ 2 جي شق (g) ۾، آخر ۾ ايندڙ سيمي ڪولن کان اڳ لفظ “۽ ان ۾ شامل آهي ميونسپلٽي يا ميونسپل ڪارپوريشن” شامل ڪيا ويندا. | 1970 جي اولهہ پاڪستان آرڊيننس XV جي دفعہ 2 جي ترميم<br>Amendment of Section 2 of West Pakistan Ordinance XV of 1970 |
| 4.ڪو بہ نوٽيفڪيشن جيڪو ڪنهن ميونسپلٽي يا ميونسپل ڪارپوريشن ۾ اولهہ پاڪستان پرائمري تعليم آرڊيننس، 1962 (1962 جو اولهہ پاڪستان آرڊيننس | گذريل تاريخن ۾ نوٽيفڪيشن جاري ڪرڻ جو اختيار |

Power to issue notification retrospectively

XXIX) يا اولهه پاڪستان لوڪل ڪائونسلز هاءِ اسڪولس (تحويل ۾ وٺڻ) آرڊيننس، 1970 (1970 جو اولهه پاڪستان آرڊيننس XV) کي لاڳو ڪندو هجي، اهو اهڙي تاريخ کان موثر هوندو جيڪا پهرين آڪٽوبر 1972 کان اڳ ۾ نہ هوندي.

**نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**